# فيضانِ امام جعفر صَادق رحمۃ اللہ علیہ

سنڌي




شيخ طريقت، امير اَهلسنّت، باني دعوتِ اِسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال
**مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي**
دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: فيضانِ امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

ڇاپو پهريون: جمادي الآخر فيبروري 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـانيءِ دعوت اسـلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو رسالو

# فيضانِ امام جعفر صادق رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

فيضانِ امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه ........ 1
دعاءِ عطار ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
غيبي انگورءِ چادرون ........ 1
امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه جو تعارف ........ 3
مبارڪ شجرءِ نسب ........ 4
امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه جو شان ........ 5
”عرس جعفر“ جي 7 حرفن جي نسبت سان امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه جا 7 واقعا ........ 5
(1)لذيذ ترين کجورون ........ 5
(2)پنجاه حجن جي دُعا ........ 6
(3) مُئل جانور زنده ڪري ڇڏيو ........ 6
(4)گم ٿيل چادر ملي وئي ........ 7
(5)جنت ۾ گهر ........ 8
(6)مک چو پيدا ڪئي وئي ........ 9
(7)عاجزي جي عظيم مثال ........ 9
ڪجھ مبارڪ عادتون ........ 11
ٿي عبادتون ........ 11
صوفي ڪير؟ ........ 12

شانِ صديقِ اڪبرؓ فاروقِ اعظم بزبانِ امام جعفر صادق (رضی اللہ عنہم) ................ 13
اُن شخص سان منهنجو ڪو تعلق ناهي ........................ 14
امام جعفر صادقؒ موت جي ياد ........................ 15
پنج طرح جا ماڻهو ........................................ 16
خوف کان حفاظت جو نسخو ................................ 17
رجب جا ڪونڊا ........................................ 17
فرمانِ حضرت عبداللّٰه بن مسعود رضی اللہ عنہ ........................ 18
مصيبتون پري ٿينديون آهن ................................ 19
مزيدار ڪير ڄمائڻ جو طريقو ........................ 19
”رجب جا ڪونڊا“ ڪهڙي تاريخ تي ڪريون؟ ........................ 20
ڏينهن مقرر ڪرڻ ........................................ 20
”فيضانِ جعفر“ جي 9 حروف جي نسبت سان 9 فرامينِ امام جعفر صادق رحمۃ اللہ علیہ ... 21
وصالِ باڪمال ........................................ 23
منقبت امام جعفر صادق رحمۃ اللہ علیہ ........................ 23
ملت جو رهنما ........................................ 24

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضانِ امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه[1]

## دعاءِ عطار

ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو 21 صفحن جو رسالو ”فيضان امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه“ پڙهي يا ٻڌي وني، اُن کي تمام صحابہ ۽ اهلبيت جو سچو پڪو غلام بڻاءِ ۽ اُن کي امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پياري پياري ناني سائين جي قيامت ۾ شفاعت نصيب فرماءِ.

آمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: مسلمان جيستائين مون تي درود شريف پڙهندو رهي ٿو ملائڪ اُن تي رحمتون موڪليندا رهن ٿا، هاڻي ٻانهي جي مرضي آهي گهٽ پڙهي يا وڌيڪ.

(ابنِ ماجه، 490/1، حديث: 907)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غيبي انگورءِ چادرون

حضرت ليث بن سعد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان هڪ ڀيرو حج جي اِرادي سان مڪي شريف حاضر ٿيس. عصر جي نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ مان مسجد الحرام جي ويجهو واقع جبل اَبي قُبيس ڏانهن وڌيس. مون ڏٺو تہ هڪ شخص ويهي هي دعا گهري رهيو هو: ”يا رَبِّ! يارَبِّ!“

[1] ... هي رسالو 12 رجب المرجب 1441ھ بمطابق 7 مارچ 2020ء تي ٿيڻ واري هفتہ وار مدني مذاڪري ۽ 15 رجب المرجب 1441 ھ بمطابق 10 مارچ 2020ء تي امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عرس جي رات جي موقعي تي ٿيڻ واري اميراهلسنت جي بيان جو تحريري گلدستو.

ايستائين جو اُن جو ساھ ڦوڪجي ويو پوءِ چيائين ”يا حَيُّ، يا قيّومُ“ ايستائين جو اُن جو ساھ ڦوڪجي ويو. پوءِ چوڻ لڳو. ”يا رحمٰنُ!يا رحمٰنُ!“ ايستائين جو اُن جو ساھ ڦوڪجي ويو. پوءِ ”يَاأَرْحَمَ الرّٰحِمِيْن“ جو ورد ڪندو رھيو ايستائين جو اُن جو ساھ ڦوڪجي ويو. جڏھن اھو فارغ ٿيو تہ بارگاهِ الٰھي ۾ عرض ڪرڻ لڳو: ياالله پاڪ! انگور کائڻ جي خواھش ٿئي آھي، مونکي انگور کاراءِ ۽ منھنجي چادر ڦاٽي پئي آھي مونکي چادر عطا فرماءِ. **حضرت ليث بن سعد** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جو قسم! اُن جي ڳالھ اڃان مڪمل ئي ڪانہ ٿئي ھُئي تہ مون ھڪ ڇٻي ڏٺي جيڪا انگورن سان ڀريل ھئي حالانڪ اُنھن ڏينھن ۾ انگورن جو موسم نہ ھو ۽ اُن سان گڏ ٻہ چادرون بہ ھيون. جڏھن اُن کائڻ جو اِرادو ڪيو تہ مون چيو: مان بہ اوھان جو شريڪِ (دعا) آھيان جڏھن اوھان دُعا ڪئي ھئي تہ مون آمين چيو ھو. اُن چيو: اڇو، الله پاڪ جو نالو وٺي کائو ۽ ڪا شيءِ بچائي نہ رکجانءِ. مان اڳتي وڌي انگور کائڻ شروع ڪيا. انھن انگورن ۾ ٻج نہ ھو ۽ مون اھڙا لذيذ انگور اڳ ۾ ڪڏھن ڪونہ کاڌا ھئا، تنھنڪري مون خوب سير ٿي ڪري (يعني پيٽ ڀري) کاڌا پر ڇٻيءَ مان ٿورو بہ گھٽ نہ ٿيو. پوءِ مون کي فرمايائون: ھنن چادرن مان جيڪا وڻئي کڻي وٺ. مون چيو: مون کي چادر جي ڪا ضرورت ناھي. پوءِ ھُو چوڻ لڳو: توھان ٿوري دير جي لاءِ لڪي وڃو تہ جيئن مان چادر پائي وٺان. مان(ڪنھن شيءِ جي) اوٽ وٺي لڪي ويس. ان ھڪ چادر کي تھبند(گوڏ) طور استعمال ڪيو ۽ ٻئي مٿان ويڙھي ورتي پوءِ پنھنجون لٿل بہ چادرون پنھنجي ھٿ ۾ پڪڙي (ھتان) کان ھليو ويو. مان بہ اُن جي پٺيان ھلڻ لڳس ايستائين جو جڏھن ھُو صفا ۽ مروه جي مقام تي پھتو تہ اُن

ڪي هڪ ماڻهو مليو ۽ چوڻ لڳو: اي الله پاڪ جي پياري رسول جي سؤٹ (چاچي جا پٽ)! مون کي لباس پارايو، الله ڪريم! اوهان کي لباس پارائي. اُن بئي چادرون سائل کي ڏئي ڇڏيون. مون ان ماڻهوءَ کان پڇيو: الله اوهان تي رحم فرمائي. هي ڪير آهن؟ اُن جواب ڏنو: هي حضرت جعفر بن محمد(يعني امام جعفر صادق) رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهن. **حضرت** ليث بن سعدرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اُن کان پوءِ مون پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي تمام گهڻو تلاش ڪيو پر ڪٿي نہ پاتو. مون کي سندن جدائي تي تمام گهڻو صدمو پهتو.

( الروض الفائق، ص224)

الله ربّ العزت جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي. اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تیری نسلِ پاک میں ہے بچہ بچہ نور کا　　تو ہے عینِ نور تیرا سب گھرانا نور کا

(حدائقِ بخشش،ص246)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت!** ڏٺو اوهان؟ سيّدن جا سرتاج، حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيترا صاحبِ ڪرامت بُزرگ هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهلبيتِ اطهار جي اکين جا تارا، تمام وڏا وليُ الله ۽ زبردست عالمِ دين هئا.

## امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو تعارف

شهيدِ ڪربلا، مصطفي ڪريم جي ڪلهن جي سوار، امامِ عرش مقام، امامِ هُمام، صحابي ابن صحابي حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْه جا پڙپوٽا عظيم تابعي بُزرگ حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي

ولادت 17 ربيع الاول 80 يا 83 هجري سومر شريف جي ڏهاڙي مديني پاڪ ۾ ٿئي. سندن ڪنيت ابو عبدالله ۽ ابو اسماعيل آهي جڏهن ته لقب صادق، فاضل ۽ طاهر آهي. (شواهد النبوة، ص245،شرح شجره قادريه ،ص58)

پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ کي سچ ڳالهائڻ جي ڪري"صادق" جي لقب سان سجاتو وڃي ٿو. يعني اسم بامسمّي هئا جهڙو لقب اهڙو ئي سندن مبارڪ عمل هو.

## مبارڪ شجرهءِ نسب

حضرت امام جعفر صادق رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہجي امڙ سائڻ جو نالو مبارڪ حضرت بيبي اُمّ فروه بنت قاسم بن محمد بن ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم آهي جڏهن ته سندن والدِ محترم جو نالو مبارڪ حضرت امام محمد باقر بن علي زين العابدين بن امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمآهي. يعني امام جعفر صادق رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ والده جي طرف کان "صديقي" ۽ والد محترم جي طرف کان "حسيني سيّد" آهن.

(طبقات الکبریٰ لابن سعد،342/8 ماخوذا،فيضان صديق اکبر،ص82)

صحابہ کا گدا ہوں اور اہلِ بیت کا خادِم
یہ سب ہے آپ ہی کی تو عنایت یا رسولَ اللہ

میں ہوں سُنّی رہوں سُنّی مروں سُنّی مدینے میں
بقیعِ پاک میں بن جائے تُربت یا رسولَ اللہ

شہا! عطار پر ہر آن رحمت کی نظر رکھنا
کرے دن رات یہ سنّت کی خدمت یا رسولَ اللہ

(وسائلِ بخشش،ص 330-331-332)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو شان

حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تابعي بُزرگ آهن، ڪين پن جليل القدر صحابين حضرت اَنس بن مالڪ ۽ حضرت سهل بن سعد رَضِىَ اللهُ عَنْهُما جي زيارت ڪئي. سندن ڪان سندن شهزادي حضرت امام موسيٰ ڪاظم، امام اعظم ابو حنيفه، امام مالڪ، حضرت سفيان ثوري ۽ حضرت سفيان بن عُيَينَہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جهڙن وڏن وڏن بزرگن فيض پاتو.
(سير اعلام النبلا،438،439/6)

## "عرس جعفر" جي 7 حرفن جي نسبت سان امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا 7 واقعا

### (1) لذيذ ترين کجورون

هڪ شخص جو بيان آهي تہ اسان تابعي بُزرگ حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان گڏجي حج ڪرڻ جي لاءِ وڃي رهيا هئاسين، رستي ۾ اسان هڪ هنڌ کجور جي سڪل وڻن وٽ رڪياسين، امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهستہ آواز ۾ ڪجهہ پڙهيو جيڪو مان سمجهي نہ سگهيس، پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن سڪل وڻن کي فرمايو: الله پاڪ توهان ۾ جيڪو اسان جي لاءِ رزق پيدا فرمايو آهي، اُن مان اسان کي بہ کارايو، انهيءَ وقت مون ڏٺو تہ کجين جا چڱا سندن طرف جهڪي رهيا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي فرمايو: ويجهو اچو ۽ بسم الله پڙهي ڪري کائو، مون اهڙيون مزيدار کجيون ڪڏهن نہ کاڌيون هيون.
(شواہد النبوۃ،ص250)

الله ربّ العزت جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) پنجاهہ حجن جي دُعا

حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪيترا مستجاب الدعوات هئا (يعني سندن جون دعائون قبول ٿينديون هيون) هڪ ڀي امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ڪرامت پڙهو، جيئن ته هڪ شخص پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان دعا جي لاءِ عرض ڪيو ته (منهنجي لاءِ دعا ڪيو ته) الله پاڪ مون کي ايترو مال ڏئي جو مان ڪيئي حج ڪيان، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه دعا ڪئي:”اي الله پاڪ! هن کي ڪثرت سان مال عطا فرماءِ ته جيئن هي پنهنجي زندگي ۾”پنجاهہ حج“ ڪري. جيئن ته اُن کي ايترو مال عطا ٿيو جو اُن پورا ”پنجاهہ حج“ ڪيا، جڏهن 51 ڀيرو حج جي لاءِ ”مقامِ جُحفہ“ پهتو ۽ غسل جي لاءِ (نهر وغيره ۾ ويو ته) پاڻي جون موجون اُن کي وهائي ڪٽي ويون ۽ اهو انهي ۾ ٻڏي گزاري ويو.

(شواهد النبوة ،ص251)

الله ربّ العزت جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمين بجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تمہارے مُنہ سے جو نکلی وہ بات ہو کے رہی کہا جو دِن کو کہ شب ہے تو رات ہو کے رہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3) مُئل جانور زنده ڪري ڇڏيو

حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مڪي شريف ۾ هڪ ڏينهن ڪٿي وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ هڪ عورت پنهنجي ڳئون جي مرڻ سبب روئي رهي هُئي، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه (اُن عورت کي) فرمايو: ڇا اوهان چاهيو ٿيون ته الله پاڪ توهان جي ڳئون زنده فرمائي ڇڏي؟ عورت

عرض ڪيو: مان اڳ ۾ ئي پريشان آهيان وري اوهان اسان سان اهڙي مذاق ڪري رهيا آهيو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه عورت کي فرمايو:”مان اوهان کان مذاق نہ پيو ڪيان“ پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه دعا فرمائي، ۽ ان ڳئونءَ کي متي ۽ پيرن مان پڪڙي هِلايو تہ اها جلدي مان اٿي بيهي رهي. (شواہد النبوة ،ص249)

اللّٰه ربّ العزت جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي. اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

فيضانِ جعفر صادق! ..................... جاري رهندو!

عظمتِ امام جعفر! ......................... مرحبا! مرحبا!

شرافتِ امام جعفر! ......................... مرحبا! مرحبا!

صداقتِ امام جعفر! ......................... مرحبا! مرحبا!

شرافتِ امام جعفر! ......................... مرحبا! مرحبا!

سيادتِ امام جعفر! ......................... مرحبا! مرحبا!

ڪرامت امام جعفر! ......................... مرحبا مرحبا!

فيضانِ جعفر صادق! ..................... جاري رهندو!

## (4) گم ٿيل چادر ملي وئي

هڪ شخص مڪي شريف ۾ هڪ چادر خريد ڪئي ۽ اِرادو ڪيائين تہ هي چادر هرگز ڪنهن کي نہ ڏيندس، بلڪ پنهنجي وفات کان بعد تبرڪ طور انهيءَ جو ڪفن ٺهرائيندس، اُن جو چوڻ آهي: جڏهن مان ميدانِ عرفان شريف کان مُزدلفہ آيس تہ اُها ”چادر“ مون کان گم ٿي وئي، مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. جڏهن مان صبح مُزدلفہ کان مِنٰي

شريف جي طرف آيس تہ **مسجد الخيف شريف** ۾ ويهي رهيس، اچانڪ هڪ ماڻهو جيڪو تابعي بُزرگ حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ آيو هو مون کي چوڻ لڳو: اوهان کي امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڏي رهيا آهن، مان جلدي مان سندن خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيس ۽ سلام عرض ڪري هڪ طرف ويهي رهيس، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه منهنجي طرف غور سان ڏسي ڪري فرمايو: ”ڇا تون اهو پسند ڪرين ٿو تہ توکي پنهنجي چادر ملي وڃي جيڪا تنهنجي موت کان بعد توکي ڪفن جو ڪم ڏئي، مون عرض ڪيو: ”اي ابنِ رسول الله! اها تہ ڪافي ڏينهن کان گم ٿئي چڪي آهي، ملي وڃي تہ تمام سٺو! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي غلام کي آواز ڏنو، هُو چادر ڪڍي آيو، مون ڏٺو (تہ هيءَ) اهائي چادر هُئي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو:”هن کي ڪڍي وٺو ۽ الله ڪريم جو **شڪر ادا ڪريو.** (شواہد النبوة ، ص249 )

الله ربّ العزت جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (5) جنت ۾ گهر

”شواهد النبوة“ ۾ آهي: (تابعي بُزرگ) حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمتِ بابرڪت ۾ هڪ شخص ڏھ هزار دينار(يعني ڏھ هزار سُون جا سڪا) ڪڍي حاضر ٿيو ۽ عرض ڪرڻ لڳو: ”حضور! مان حج جي لاءِ وڃي رهيو آهيان، اوهان منهنجي لاءِ هنن پيسن مان ڪو مڪان وغيره خريدي ونجو تہ جيئن حج کان موٽي پنهنجي اولاد کي وٺي (اُتي) رهڻ شروع ڪيان، پوءِ حج کان واپسي تي اهو

شخص سندن بارگاهِ عالي ۾ حاضر ٿيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کي فرمايو: مون توهان جي لاءِ جنت ۾ گهر خريدي ورتو آهي، جنهن جي پهرين حد حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي، ٻئي حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْه تي، ٽئين حد نواسہِ رسول امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْه تي ۽ چوٿين حد حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْه تي ختم ٿئي ٿي ۽ هي وَٺُ مون هن تي لکي ڏي ڇڏيو آهي. اُها خوشخبري ٻڌي اهو شخص تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ خط وٺي پنهنجي گهر هليو ويو. گهر ويندي ئي اهو شخص بيمار ٿي پيو، اُن وصيّت ڪئي تہ اُن خط کي منهنجي وفات کان پوءِ منهنجي قبر ۾ رکي ڇڏجو، گهر وارن دفن ڪندي وقت اُن خط کي قبر ۾ رکي ڇڏيو، ٻئي ڏينهن ڏٺائون تہ اهو ئي خط قبر جي مٿان رکيل هو ۽ ان جي پٺيان هي لکيل هو:"امام جعفرصادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪو وعدو ڪيو هو اهو پورو ٿي ويو" (يعني ان کي جنت ۾ عاليشان گهر ملي ويو). (شواهد النبوة، ص251)

## (6) مک جو پيدا ڪئي وئي

حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڀيرو خليفي منصور جي دربار ۾ تشريف فرما ها تہ مکيون هرهر خليفي جي چهري تي ويهن پيون خليفي تنگ ٿئي عرض ڪيو، اي ابو عبدالله!(هي امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪنيت هئي) الله پاڪ مک کي ڇو پيدا ڪيو آهي؟ (پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خليفي کي چوٽ رسائڻ جي لاءِ) ارشاد فرمايو: تہ جيئن ظالمن ۽ مغرورن کي ذليل ڪري. (حلية الاولياء ، 3/ 230،رقم:3798)

## (7) عاجزي جي عظيم مثال

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عالي نسب هئڻ جي باوجود عاجزي جا پيڪر هئا. هڪ ڀيرو امام

اعظم ابو حنيفه جي عظيم شاگرد، تمام وڏي عالم ۽ صوفي بُزرگ حضرت داؤد طائي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه سندن کي عرض ڪيو، اهلبيت مان هئڻ جي حيثيت سان مون کي ڪا نصيحت فرمايو. پر پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه خاموش رهيا. ٻيهر عرض ڪيائون تہ ”اهلبيت مان هئڻ جي اعتبار سان اللّٰه پاڪ اوهان کي جيڪا فضيلت بخشي آهي، ان لحاظ کان نصيحت ڪرڻ اوهان جي لاءِ ضروري آهي.“ هي ٻڌي ڪري پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: مان تہ پاڻ خوف ۾ ورتل آهيان تہ ڪٿي قيامت جي ڏينهن جدّاعليٰ(محمد رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) منهنجو هٿ پڪڙي اهو نہ پڇي ونن تہ تو پاڻ منهنجي پيروي جو حق ادا ڇونہ ڪيو؟ ڇوتہ نجات جو تعلق نسب سان ناهي نيڪ ڪمن سان آهي. اهو ٻڌي ڪري حضرت داؤد طائي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه روئي ڏنو تہ اها هستي جن جا جدّ امجد اللّٰه پاڪ جا آخري رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، جڏهن ان جي خوفِ خدا جو اِهو عالم آهي تہ مان ڪهڙي ڳڻپ ۾ اچان تو؟ (تذڪرة الاولياء،21/1) اللّٰه ربِّ العزت جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي. اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

کَرم سے ہم پر، امامِ جعفر ہیں سایہ گُستر، امامِ جعفر
ہمیں ہو کیوں کر، امامِ جعفر عَدو کا اَب ڈر، امامِ جعفر
سَخا کے پیکر، امامِ جعفر غَریب پَرور، امامِ جعفر
حَیا کے پیکر، امامِ جعفر ہمارے رہبر، امامِ جعفر
تُو دور دِلبر، امامِ جعفر غَم و اَلَم کر، امامِ جعفر

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ مبارڪ عادتون

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مبارڪ طبيعت ۾"خوش اخلاقي" هئي، مبارڪ لبن تي مسڪراهٽ سجيل رهندي هئي پر جڏهن ذڪرِ مصطفي ٿيندو هو ته(ذڪرِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هيبت ۽ تعظيم جي سبب) رنگ ڦڪو ٿي ويندو هو، ڪڏهن به بي وضو"حديثِ پاڪ" بيان نہ فرمائيندا ها، نماز ۽ تلاوت ۾ مشغول رهندا يا خاموش رهندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گفتگو "فضول گوئي" کان پاڪ هوندي هئي. (شفا، 42/2)

## ٿي عبادتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت امام جعفرصادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ظاهري توڙي باطني علوم جا جامع هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رياضت ۽ عبادت ۽ مجاهدي ۾ مشهور هئا. امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان آهي: مان هڪ زماني تائين پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت مبارڪ ۾ ايندو رهيس، مون هميشہ سندن کي ٽن عبادتن مان ڪنهن هڪ عبادت ۾ مصروف ڏٺو، يا تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نماز پڙهندا يا تلاوتِ قرآن ۾ مشغول رهندا يا وري روزيدار هوندا ها. (شفا، 42/2)

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! اوهان پڙهيو تہ عظيم عاشقِ رسول حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي رهيا آهن تہ مون هميشہ امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي عبادت ۾ ڏٺو، ٿورو اسان بہ پنهنجي باري ۾ غور ڪيون تہ اسان جو ڪيترو وقت الله پاڪ ۽ ان جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ياد ۾ گذري ٿو اسان جي نمازن جي ڇا پوزيشن آهي؟ ڇا اسان بہ روزانو قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪريون ٿا؟ افسوس! امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرض سان

گڏوگڏ خوب نفل روزا بہ رکن ۽ اسان کان صرف فرض روزا بہ نٿا رکيا وڃن؟ اي ڪاش! اسان کي پنهنجي بُزرگن جي نقشِ قدم تي هلڻ نصيب ٿئي وڃي. الله پاڪ توفيق ڏئي تہ فرض سان گڏوگڏ نفلن جي ڪثرت ڪيو، روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيپاري جي تلاوت جي عادت بڻجي وڃي تہ چا ڳالھ آهي، بيشڪ ڪيرڻ ۽ ڪوندي جو نياز ضرور ڪيو پر ڪيرٽي پچائي ڪائڻ ۽ ڪارائڻ ئي امام جعفر صادق جي محبت جو دم پرڻ ناهي، سچي محبت تہ اها آهي تہ اسان ان جي نقشِ قدم تي هلون ۽ ان جيان نيڪين ۾ بہ رغبت رکون. اَلْحَمْدُلِلّٰه! رجب المرجب جو مهينو، امام جعفر صادق رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو مهينو جاري آهي. جنهن سان ٿئي سگهي اهو نفل نمازن جي بہ خوب خوب ڪثرت ڪري.

## صوفي ڪير؟

حضرت امام جعفر صادق رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ”جيڪو شخص رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ظاهري حالات مبارڪ جي مطابق زندگي گذاري اهو سنت تي عمل ڪرڻ وارو آهي ۽ جيڪو پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي باطني حالات مبارڪ جي مطابق زندگي گذاري اهو ”صوفي“ آهي ۽ باطني زندگي مان امام جعفر صادق رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي مراد حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا پاڪيزه اخلاق ۽ آخرت کي اختيار ڪرڻ آهي تنهنڪري جيڪو شخص پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اخلاقِ ڪريمہ سان پاڻ کي سينگاري ۽ جنهن شيءِ کي پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اختيار فرمايو ان کي اختيار ڪري، جنهن شيءِ ۾ رغبت رکِي اُن ۾ رغبت رکي، جن شين کان پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پاڻ کي بچايو ان کان بچندو رهي ۽ جن ڪمن جي ترغيب ڏياري

انهن تي عمل ڪري وٺي تہ بيشڪ اهو گندگي کان پاڪ ۽ صاف ٿي غير کان نجات ماڻي ويو ۽ جيڪو شخص حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رستي کان هٽي ڪري پنهنجي نفس جي پيروي ڪرڻ ۽ پنهنجي پيٽ ۽ شرمگاهہ جي خواهشن کي پورو ڪرڻ ۾ مشغول رهيو تہ اهڙو شخص صوفي بڻجڻ کان پري، بيوقوفي ۾ ڪوشش ڪرڻ وارو ۽ اڇڻ وارن خطرناڪ حالات کان غافل آهي. (حلية الاوليا، 53/1)

صدقِ صادِق کا تَصَدُّق صادِقُ الْاِسلام کر
بے غَضب راضی ہو کاظم اور رضا کے واسطے

**شرح شجرو شريف:** هي شعر سلسلي عاليہ قادريہ رضويہ جي شجري شريف جو چوٿون شعر آهي، هن شعر ۾ سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ جي چهين، ستين ۽ اٺين شيخ امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پوءِ سندن شهزادي امام موسيٰ ڪاظم ۽ پوءِ ان جي شهزادي امام علي رضا جي وسيلي سان دعا ڪئي وئي آهي تہ يااللّٰه پاڪ! توکي امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ”صدق“ (يعني سچائي) جو واسطو مون کي ايمان جي سلامتي نصيب فرماءِ ۽ امام موسيٰ ڪاظم ۽ امام رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما جي صدقي مون سان بنا غضب فرمائي راضي ٿي وڃ.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شانِ صديقِ اڪبر ۽ فاروقِ اعظم بزبانِ امام جعفر صادق (رَضِيَ اللهُ عَنْهُم)

حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه جي باري ۾ پڇيو ويو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

فرمايو: مان انهن جي متعلق صرف چڱي ڳالھ ئي چئي سگھان ٿو ڇوتہ مون پنهنجي والدِ محترم حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان، انهن حضرت امام زين العابدين رَضِيَ اللهُ عَنْه کان ۽ انهن نواسہ رسول حضرت امام حُسين رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت ڪئي تہ موليٰ علي شيرخدا رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهو فرمائيندي ٻڌو تہ "ابوبڪر صديق کان افضل ڪنهن انسان تي اج تائين نہ سج اڀريو ۽ نہ ئي لٿو." ان کان بعد امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: "جيڪڏهن مون روايت ۾ غلط بياني ڪئي هجي تہ مونکي ڪالھ قيامت جي ڏينهن سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت حاصل نہ ٿئي ۽ (مان ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه جا فضائل جونہ بيان ڪيان جو) مان تہ پاڻ قيامت جي ڏينهن "صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْه" جي شفاعت جو طلبگار آهيان." پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو حضرات شيخين ڪريمين (يعني ابوبڪر صديق ۽ حضرت عُمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا) جي فضيلت کان ناواقف آهي اهو سُنّت کان ناواقف آهي، مون اهلبيت مان ڪنهن کي ناهي ڏٺو جيڪو انهن سان محبت نہ رکندو هجي. وڌيڪ فرمائن ٿا: "بيشڪ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه جي دل ربّ پاڪ جي مشاهدي سان ڀريل آهي، ان جي دل ۾ الله پاڪ کان علاوه ٻيو ڪوبہ نہ هو، هُو "لَآاِلٰهَ اِلَّا الله" جو ورد ڪثرت سان ڪندا هئا ۽ اميرالمؤمنين عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْه جي زبان تي اڪثر "اَللّٰهُ اڪبر" جاري رهندو هو" (الرياض النضرة، 59/1،67،136ملتقطا)

## اُن شخص سان منهنجو ڪو تعلق ناهي

هڪ شخص حضرت صديقِ اڪبر ۽ فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي باري ۾ پڇيو: تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: توهان مون کان انهن جي باري ۾

پچو تا جن جنت جو ميوو کاڌو. (سيراعلام النبلاء،441/6،رقم:948) اُن شخص کان منهنجو ڪوبہ تعلق ناهي جيڪو اميرالمؤمنين حضرت صديقِ اڪبر ۽ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهُما جو ذڪر ”ڀلائي“ سان نہ ڪري. (تاريخ الخلفاء،ص96)

ہر صحابیِ نبی! ................................ جنّتی جنّتی
چار یارانِ نبی ................................ جنّتی جنّتی
حضرتِ صدیق بھی! ........................ جنّتی جنّتی
اور عُمر فاروق بھی! ........................ جنّتی جنّتی
عثمانِ غنی! ................................ جنّتی جنّتی
فاطمہ اور علی! ............................ جنّتی جنّتی
حسن اور حسین بھی! ........................ جنّتی جنّتی
والدینِ نبی! ................................ جنّتی جنّتی
ہر زوجۂ نبی! ................................ جنّتی جنّتی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## امام جعفر صادق ۽ موت جي ياد

حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ايتري عظمت ۽ شان جا مالڪ هئڻ جي باوجود موت کي ياد ڪندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رات جو قبرستانن ۾ ويندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ اي قبر وارؤ! ڇا ڳالھ آهي جو مان توهان کي پڪاريان ٿو تہ توهان مان ڪو شخص جواب نہ ٿو ڏئي؟ پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا: افسوس! تہ منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ اهڙو حجاب (پردو) ٿي ويو آهي. پر آئنده مان بہ توهان ئي جهڙو

تي وڃڻ وارو آهيان. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهي ئي ڪلمات فرمائيندا رهندا هئا ايستائين جو صبح صادق ظاهر ٿي ويندو هو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نمازِ فجر جي لاءِ مسجد ۾ تشريف وٺي ويندا هئا. (احياء العلوم،237/5)

حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي ابنِ آدم! ڪنهن شيءِ جي نه هئڻ تي ڇو تو غم ڪرين؟ هي(غم ڪرڻ) اُن(شيءِ) کي تو وٽ واپس نه آڻيندو ۽ ڪنهن موجود شيءِ تي ڇو تو"تڪبر" ڪرين؟ موت ان کي تنهنجي هٿ ۾ نه رهڻ ڏيندو. (صراط الجنان،748/9)

لازمی ہے ہر صُورت چھوڑنا گناہوں کا
بھائی موت سے پہلے کاش! تُو سُدھر جاتا
غیر کے تُو فیشن کو چھوڑ دے مرے بھائی
اُن کی سُنّتیں اپنا کیوں ہے دَربدر جاتا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پنج طرح جا ماڻهو

حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "پنج قسم جي ماڻهن جي صحبت اختيار نه ڪيو: (1) تمام گهڻو ڪوڙ ڳالهائڻ وارو. ڇوته توهان ان سان دوکو کائيندؤ. اهو رُڃ(واريا سي زمين جي اها چمڪ جيڪا چنڊ يا سج جي روشني پوڻ سان پيدا ٿيندي آهي جيڪا پاڻيءَ جهڙي لڳندي آهي) جيان آهي، اهو پري واري کي تنهنجي ويجهو ڪري ڇڏيندو ۽ ويجهي واري کي پري ڪري ڇڏيندو. (2) بي وقوف انسان، ڇوته اُن کان توهان کي ڪجهه به حاصل نه ٿيندو، اُهو توهان کي نفعو پهچائڻ چاهيندو پر نقصان پهچائي ويهندو.(3) ڪنجوس شخص، ڇوته جڏهن توهان کي اُن جي گهڻي ضرورت پوندي ته اهو دوستي ختم ڪري ڇڏيندو. (4) بُزدل انسان، ڇوته اهو مشڪل وقت

۾ توهان کي ڇڏي پڇي ويندو. (5) فاسق، جوته اهو توهان کي هڪ گرهه يا ان کان گهٽ قيمت ۾ وڪڻي ڇڏيندو، ڪنهن پڇيو گرهه مان ڇا مراد آهي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: لالچ رکڻ ۽ ان کي نه ماڻڻ.
(صِراط الجنان،258/4)

## خوف کان حفاظت جو نسخو

والدِ اعليٰ حضرت، علامه مولانا مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان منقول آهي: جيڪو شخص عجز(يعني بي وسي) جي وقت پنج ڀيرا ”يَارَبَّنَا“ چئي، الله پاڪ اُن کي اُن شيءِ کان جنهن جو خوف رکي ٿو، امان بخشي ٿو ۽ جيڪا شيءِ چاهي ٿو، عطا فرمائي. (فضائل دُعاء،ص71) ”يَارَبَّنَا“ جو مطلب آهي اي اسان جا پروردگار.

## رجب جا ڪوندا

صدرالشريعه حضرتِ علامه مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: رجب جي مهيني ۾ ڪجهه هنڌن تي حضرت امام جعفر صادِق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ کيرٽي جا ڪوندا تيار ڪيا ويندا آهن، اهو به جائز آهي پر ان ۾ به انهيءَ هنڌ کائڻ جي ڪجهه ماڻهن پابندي لڳائي رکي آهي اها اجائي پابندي آهي. هن ڪوندن جي باري ۾ هڪ ڪتاب به آهي جنهن جو نالو ”داستانِ عجيب“ آهي، ان موقعي تي ڪي ماڻهو هن کي پڙهائيندا آهن ۽ ان ۾ جيڪو ڪجهه لکيل آهي ان جو ڪو به ثبوت ناهي اهو نه پڙهيو وڃي، فاتحه پڙهي اِيصالِ ثواب ڪيو. (بهارِ شريعت،حصه 16، 643/3) اهڙي طرح ”ڏهه بيبين جي ڪهاڻي“، ”ڪانئر جي ڪهاڻي“ ۽ جنابِ سيده

واري کهاڻي سپ مَن گهڙت قِصا آهن انهن کي نہ پڙهيو وڃي، هن جي بدران ياسين شريف پڙهي وٺو تہ (حديثِ پاڪ جي مطابق) ڏهہ ختمِ قرآن جو ثواب ملندو، هي بہ ياد رهي تہ ڪونڊي ۾ ئي کيرڻي کارائڻ ضروري ناهي، ٻين ٿانوَن ۾ بہ ڪائي ۽ کارائي سگهو ٿا ۽ اُن کي گهر کان ٻاهر بہ کڻي وڃي سگهو ٿا، بيشڪ نياز ۽ فاتحہ جي اصل يعني بنياد ايصالِ ثواب آهي ۽ ڪونڊن جي نياز اِيصالِ ثواب جو هڪ قسم آهي اِيصالِ ثواب (يعني ثواب پهچائڻ)، قرآنِ ڪريم ۽ اَحاديثِ مُبارَڪہ مان ثابت آهي، ايصالِ ثواب دعا جي ذريعي بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪاڌو وغيره پچائي ان تي فاتحہ بہ ڏياري سگهجي ٿي. ڪونڊن جي نياز بہ اِيصالِ ثواب ئي جي هڪ صُورت آهي، هن کي ناجائز چوڻ، شريعت تي اِفترا (يعني تهمت لڳائڻ) آهي.

ناجائز چوڻ وارا سيپاري 7 سورةُ المآئده جي آيت نمبر 87 ۾ بيان ڪيل حڪمِ الٰهي مان عبرت وٺن. جئين تہ ارشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحَرِّمُوْا طَيِّبٰتِ مَاۤ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكُمْ وَ لَا تَعْتَدُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۸۷﴾ (پ7،المائدہ:87)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! ان پاڪيزه شين کي حرام قرار نہ ڏيو جن کي الله توهان جي لاءِ حلال فرمايو آهي ۽ حد کان نہ لنگهو. بيشڪ الله حد کان لنگهندڙ کي ناپسند فرمائيندو آهي.

## فرمانِ حضرت عبدالله بن مسعود رضی اللہ عنہ

مَارَآهُ الْمُسْلِمُوْنَ حَسَنًا فَهُوَ عِنْدَ اللّٰهِ حَسَنٌ يعني اها شيءِ جنهن کي مسلمان (علم وارا ۽ تقويٰ وارا) چڱو سمجهن اها الله جي نزديڪ بہ چڱي

آهي. (مسند امام احمد ، 16/2 ، حديث:3600)

## مصيبتون پري ٿينديون آهن

حضرت مفتي احمديارخان رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: امام جعفر صادق رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡه جي فاتحه ڪري، (جو هن جي برڪت سان) ڪيئي اٽڪيل مصيبتون (پري ٿي ويندي‍ون آهن). (اسلامی زندگی،ص133)

## مزيدار کير ڇمائڻ جو طريقو

حضرت امام جعفر صادق رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡه جي ايصالِ ثواب جي لاءِ مسلمانن ۾ ڪونڊن جو رواج آهي، ڪونڊن جي رائج هئڻ جي حڪمت مون پڙهي نه ناهي البته منهنجو تجربو اهو آهي ته نئين مٽي جا ڪونڊا جنهن تي پالش ٿيل نه هجي، هن ۾ مسام(يعني سنها سوراخ) هوندا آهن، هن ۾ کير ڇمائڻ سان کير لذيذ ٿيندو آهي. ڪجھ بورچي نئين مٽي جي ننڍين ننڍين پيالين ۾ کير ڇمائي ڏيندا آهن، جن تي پالش ٿيل ناهي هوندي، انهن ۾ تيار کير تمام مزيدار هوندو آهي. جيڪڏهن اسٽيل جي ٿانوَ ۾ ڄمايون ته اُن جو ذائقو اهو نه هوندو جيڪو ڪوري مٽي جي ٿانوَ ۾ هوندو آهي. راهِ خدا ۾ ڏنل شيءِ، نياز ۽ فاتحه جيتري لذيذ شيءِ تي هوندي اوترو ئي ثواب وڌيڪ ملندو ۽ مسلمان جي دل ۾ خوشي وڌيڪ ٿيندي. ڪونڊن جي نياز جنهن شروع ڪئي هوندي اهو هن شين کي سمجهندو هوندو. امام جعفر صادق رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡه جي نياز ڪنهن به حلال شيءِ تي ڏياري سگهون ٿا. ڪجھ پچائڻ، ڪائڻ بنا فقط درود شريف پڙهي به ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو.

ايصالِ ثواب جي باري ۾ وڌيڪ معلومات جي مڪتبة المدينہ جو رسالو”فاتحہ جو طريقو“ پڙهي ونو.

## ”رجب جا ڪوندا“ ڪهڙي تاريخ تي ڪريون؟

پوري رجب جي مهيني ۾ بلڪ سڄي سال ۾ جڏهن چاهيو ايصال ثواب جي لاءِ ڪوندن جو نياز ڪري سگهو ٿا، البت مناسب هي آهي تہ 15 رجب المرجب تي ”رجب جا ڪوندا“ ڪيا وڃن ڇو تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو يومِ عرس آهي جيئن تہ فتاوٰي فقيہ ملّت جلد 2 صفحي 265 تي آهي: ”حضرت (سيّدنا) اِمام جعفر صادق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو نياز 15 رجب تي ڪريو ڇو تہ حضرت جو وصال 15 تي ئي ٿيو آهي.“

## ڏينهن مقرر ڪرڻ

**وسوسو:** ٽيجهو، چاليهو، يارهين ٻارهين ۽ ڪوندن وغيره جي نالي سان ايصالِ ثواب جا ڏينهن مخصوص ڇو ڪيا ويا آهن؟

**وسوسي جو جواب:** ايصالِ ثواب جي لاءِ شريعت ۾ ڪا مُدّت ۽ وقت مقرر ڪرڻ ضروري ناهي، البت ڏينهن وغيره مقرر ڪرڻ ۾ شرعاً حرج بہ ناهي، وقت مقرر ڪرڻ ٻن طرح سان آهي. ﴿1﴾ **شرعي:** شريعت ڪنهن ڪم جي لاءِ وقت مقرر فرمايو هجي مثلاً قرباني، حج وغيره ﴿2﴾ **عُرفي:** شريعت جي طرفان وقت مقرر نہ هجي پر ماڻهو پاڻ ۾ ٻين جي سهولت ۽ يادگيري يا ڪنهن خاص مَصلحت جي لاءِ ڪو وقت خاص ڪري ونن،

جيئن اڄڪلهہ مسجدن ۾ نمازن جي جماعت جي لاءِ وقت مخصوص ڪرڻ وغيره حالانڪ پهريان جماعت لاءِ وقت مقرر نہ هوندو هو جڏهن نمازي جمع ٿيندا هئا تہ جماعت بيهي رهندي هئي، بلڪ بعض ڪمن لاءِ خود سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وقت مقرر فرمايو، پڻ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ الله کان بہ ائين ڪرڻ ثابت آهي مثلاً ﴿1﴾ حضور پُر نور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شُهداءِ اُحُد عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي زيارت جي لاءِ سال جو آخري وقت مقرر فرمايو هو. ﴿2﴾ ڇنڇر جي ڏينهن سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مسجد قُبا ۾ تشريف وٺي اچڻ ﴿3﴾ ۽ سيّدنا صديق اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ سان ديني مشاورت جي لاءِ صبح ۽ شام جو وقت مقرر ڪرڻ. ﴿4﴾ حضرت عبداللّٰه بن مَسعود رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ وعظ و تَذڪِير (يعني درس و بيان) جي لاءِ جمعرات جو ڏينهن مقرر ڪيو. ﴿5﴾ ۽ عالم سڳورن جو سبق شروع ڪرڻ لاءِ اربع جو ڏينهن رکڻ. (فتاوىٰ رضويه ج 9 ص 585، 586 ملتقطا)

## "فيضانِ جعفر" جي 9 حروف جي نسبت سان 9 فرامينِ امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

(1): اللّٰه پاڪ توهان کي ڪنهن نعمت سان نوازي ۽ توهان اُن تي هميشگي چاهيو تہ اُن تي وڌ کان وڌ شڪريو ادا ڪريو.
(حلية الاولياء، 3/ 225،رقم:3783)

(2): جيڪڏهن توهان کي رزق ۾ دير محسوس ٿئي تہ استغفار

(يعني اَسْتَغْفِرُاللّٰه) جي ڪثرت ڪيو. (حلية الاولياء، 3/ 225،رقم:3783)

(3): الله پاڪ دنيا کي حڪم ارشاد فرمايو: اي دنيا! جيڪو منهنجي عبادت ڪري ته اُن جي خدمت ڪر ۽ جيڪو تنهنجي خدمت ڪري ته اُن کي ٿڪائي ڇڏ. (حلية الاولياء، 3/ 226،رقم:3785)

(4): صدقي جي ذريعي رزق ۾ اضافو ۽ زڪوٰة جي ذريعي پنهنجي مالن کي محفوظ ڪيو. (حلية الاولياء، 3/ 227،رقم:3792)

(5): اللّٰه پاڪ وياج کي انهيءَ ڪري حرام ڪيو ته جيئن ماڻهو ڀلائي ڪرڻ سان نه رُڪجن. (حلية الاولياء، 3/ 226،رقم:3789)

(6): اللّٰه پاڪ فضول خرچي ڪرڻ واري کي محروم ڪري ڇڏي ٿو. (حلية الاولياء، 3/ 227،رقم:3792)

(7): دين ۾ لڙائي جهڳڙي کان بچو ڇوته هي دل کي مصروف رکندو ۽ نفاق (يعني منافقت) پيدا ڪندو آهي. (حلية الاولياء، 3/ 230،رقم:3799)

(8): وچٿرائي اختيار ڪرڻ وارو تنگدست(يعني غريب) ناهي ٿيندو. (حلية الاولياء، 3/ 227،رقم:3792)

(9): پرهيزگاري کان افضل ڪو سامانِ سفر ناهي، خاموشي کان بهتر ڪا شيءِ ناهي، جهالت کان وڌيڪ ڪو نقصانده دشمن ناهي ۽ ڪوڙ کان وڏي ڪا بيماري ناهي. (سير اعلام النبلاء، 6/444)

حُبِّ ساداتِ اے خدا دے واسطہ | اہلِ بیتِ پاک کا فریاد ہے
آہ! سِبطِ مصطفٰے فریاد ہے | ہائے! ابنِ مرتضیٰ فریاد ہے
بہرِ زینب بے حیائی کا حضور | خاتِمہ ہو خاتِمہ فریاد ہے
حال ہے بے حال شاہِ کربلا | آپ کے عطّار کا فریاد ہے

## وصالِ باكمال

حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي 15 رجب المرجب148ھ تي ڪنهن بدبخت زهر ڏنو جيڪو سندن شهادت جو سبب بڻيو. پاڻرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار شريف جنت البقيع ۾ پنهنجي والدِ محترم حضرتِ امام محمد باقررَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان گڏ آهي. (شواهد النبوة،ص245، شرح شجره قادريه، ص59) الله پاڪ حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي پنهنجون ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي. ۽ اسان کي سندن برڪتون عنايت ڪري. حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نياز کائڻ سان گڏوگڏ نماز ۽ ٻين نيڪين جو بہ اهتمام ڪيو ۽ گناهن کان بچي پنهنجي آخرت سنوارڻ وارا ڪم ڪيو.

ڪَرم سے ہم پر، امامِ جعفر ... ہیں سایہ گُستر، امامِ جعفر
ہمیں ہو کیوں ڈر، امامِ جعفر ... عَدو کا آب ڈر، امامِ جعفر
سَخا کے پیکر، امامِ جعفر ... غَریب پَرور، امامِ جعفر
حَیا کے پیکر، امامِ جعفر ... ہمارے رہبر، امامِ جعفر
تُو دور دِلبر، امامِ جعفر ... غم و اَلم کر، امامِ جعفر

## منقبت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

امامِ جعفر صادق، مرادِ اہلِ یقیں
سلوک و عشق کی منزل ہے جن کے زیرِ نگیں
امیرِ بزمِ شریعت، مریدِ شاہِ نجف
شعاعِ مہرِ رسالت، متاعِ علم و یقیں
وہی ہیں مرکزِ اُمید نقشبند و عراق

ہیں ان کے فیض کے جویا تمامِ اہلِ زمیں
اُنھی کے نورِولایت سے کوفہ و بغداد
فقہ و علم و شرف کے ہیں تابدارِ نگیں
رشید وارثِ عالم نواز کے صدقے
ہیں صاحبانِ طریقت کے ہم بھی حلقہ نشیں

## ملت جو رھنما

ملت کے رہنما ہیں، حضرت امام جعفر
سردارِ اولیا ہیں حضرت امامِ جعفر

کردار میں جھلک ہے ، انوارِ مصطفٰی کی
نورانی آئینہ ہیں حضرت امامِ جعفر

سیرت ہے انکی روشن ، آقا کی سنتوں سے
اللہ کی رضا ہیں حضرت امامِ جعفر

سینہ بسینہ پہونچی، حسنین کی وراثت
فرزندِ مرتضٰی ہیں، حضرت امامِ جعفر

انکے گلِ عمل سے، مہکی ہے بزمِ تقویٰ
سلطانِ اصفیا ہیں حضرت امامِ جعفر

اربابِ حق کا ہادی ، ہراک قدم ہے انکا
اک جلوۂ ہدٰی ہیں حضرت امامِ جعفر

کونین کی بلندی، ہے انکے نقشِ پا میں
محبوبِ مصطفٰی ہیں حضرت امامِ جعفر

ان سے ہوئی دوبالا، سادات کی تجلی
اک نیّرِ صفا ہیں حضرت امامِ جعفر

صدیق کے کرم سے ، انکا لقب ہے صادق
فاروق کی عطا ہیں حضرت امامِ جعفر

کونڈے کا یہ تبرک دل تاب و جاں فزا ہے
ایمان کی ضیا ہیں حضرت امامِ جعفر

ہستی کے پھول سارے اب تک مہک رہے ہیں
گلزارِ اِتّقا ہیں حضرت امامِ جعفر

ہے ان کے باغیوں کو، دارین کا اندھیرا
نورِ دلِ وفا ہیں حضرت امامِ جعفر

جو کچھ بھی اُن سے مانگا، ہمکو ملا، فریدی
عثمان کی سخا ہیں حضرت امامِ جعفر